سماجي اپياس

ڇهين کان اٺين ڪلاس تائين

سوال. تاريخ ڇا کي ٿو چئجي؟

جواب .تاريخ ماضي جي اڀياس کي چئبو آهي.

سوال. تاريخ جي اڀياس جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

جواب. ڪنهن به سماج لاءِ تاريخ جي ڄاڻ ڏاڍي اهم ۽ ضروري آهي ، ان ذريعي اسان ”حال“ کي سمجهي ”مستقبل“ لاءِ تيار ڪري سگهون ٿا.

سوال. انساني زندگيءِ جي ابتدا بابت قرآن پاڪ ۾

ڇا اهم آهي ؟ جواب. ڄاڻ ۽ ارتقا جو نظريو اهم

آهي.

سوال . باءِ پيڊلزم جي معنيٰ ڇا آهي ؟

جواب. باءِ پيڊلزم جي معنيٰ ٻن پيرن واري جانورن جو نظريو آهي.

سوال .شروعاتي انسان ڇا جي ڳولا ۾ هڪ ٻئي هنڌ

ڦرندي رهندو هو؟ جواب . ڪاڏي خوراڪ ۽ اجهلي جي

ڳولا ۾.

سوال . سائينسدان جو خيال آهي ت انسان 60 لک سال اڳ ڇا

جي صورت ۾ ها؟ جواب. 60 لک سال اڳ باندر جهڙي ڪنهن

وڏي مائٽ جي ارتقائي صورت ۾ آهي.

سوال . اڄوڪن انسانن کي ڇا سڏيو وڃي ٿو؟

جواب. هوموسئپينس (HOMO SAPIENS)جديد ۽ ڏاهو انسان سڏيو وڃي ٿو.

سوال. شڪار ڪندڙ ۽ گڏ ڪري رکڻ وارن جي زندگي ء جي مکيه خاصيتن کي بيان ڪريو؟ جواب. آسٽريلو پيٿڪس ڪان اڄ ڪلهه جي انسان تائين

آسٽريلو پيٿيڪس ڊيگهه 10.1 ميٽر وزن 40 ڪلو گرام ۽ سڌو هلندا هئا.	هوموهيبيلس ڊيگهه 59.1 ميٽر وزن 50 ڪلو گرام ابتدائي اوزار شيون وغيره ڳالهائيندا هئا.	هومواريڪٽس ڊيگهه 60.1 ميٽر وزن 60 ڪلو گرام باهه ڳولي لڌائون ٽولين ۾ شڪار ڪندا هئا.

هومونيئنبر ٿال ڊيگهه 65.1 ميٽر وزن 80 ڪلو ميٽر پهريان دفنائيندڙ خاص اوزار ڪتب آئيندا هئا	هوموسئپينس ڊيگهه 70.1 ميٽر وزن 70 ڪلو ميٽر فن جا مثال هڏن ۽ سڱن مان ٺاهيل اوزار

سوال .زرعي سماج جي شروعات

ڪڏهن ٿي؟ جواب. اٽڪل 10000

سال اڳ.

سوال .زرعي سماج کان صنعتي سماج جي تبديلي

ڪڏهن آئي؟ جواب .20 هين صدي جي وچ ۾

1957ع ڌاري آئي.

سوال .زرعي سماج ڇا آهي؟

جواب. زرعي سماج اهو سماج آهي جنهن ۾ فصل پوکيء وڃن ٿا ۽ چوپايو مال چاريو وڃي ٿو.

سوال. اڄوڪي سماج کي ڪهڙو سماج

سڏيو وڃي ٿو؟ جواب. صنعتي سماج.

سوال. سماج ڇا کي ٿو چئجي ؟

جواب. ماڻهن جو اهڙو گره جنهن ۾ هڪ هجڻ جي سمجهه ۽ گڏ زندگي گذارڻ جو شعور موجود هجي ان کي سماج سڏجي ٿو.

سوال. ڪلچر يا ثقافت ڇا کي ٿو چئجي ؟

جواب .ماڻهن جي هڪ گره جي زندگي گذارڻ جي طرز يا نموني کي چئجي ٿو.

سوال .ڪهڙا سماج پاڻ کي منظم ڪري برقرار رکي

قيام دائم رهن ٿا؟ جواب. زرعي سماج ۽ صنعتي سماج.

سوال. سماج جي تبديل ٿيڻ جا 3 سبب ڪهڙا آهن؟

جواب .1 گڏ هئڻ جو احساس , 2 گڏ گذارڻ جو شعور, 3 هر

معاملي ۾ شهڪار سوال .سماج جي تبديلي نه هوڻ جا سبب

ڪهڙا آهن؟

جواب. گڏ هئڻ جو احساس نه هئڻ , گڏ گذارڻ جي بي شعوري ۽ هر معاملي ۾ شهڪار نه ڪرڻ.

سوال .دنيا ۽ زندگي بابت خيالن ۽ عقيدن جي مجموعي

کي ڇا چئبو آهي؟ جواب .جڳ ويچار يا دنيائي رائو چئبو

آهي.

سوال .سماجي ترقي ۽ تنظيم جي سڌاريل ڏاڪي تي پهتل سماج

کي ڇا چئبو آهي؟ جواب. ترقي يافته چئبو آهي.

سوال .سنڌو ماٿري جي تهذيب ڪٿي

آهي؟ جواب .هي تهذيب سنڌو درياءَ جي

ڪناري تي آهي.

سوال .هيءَ تهذيب ڪيسيتائين

قائم رهي؟ جواب .1300 کان

3300 ق م تائين.

سوال. سنڌو ماٿري جي تهذيب جا وڏا شهر
ڪهڙا آهن؟ جواب. موئن جو دڙو ۽ هڙپا.
سوال .موئن جي دڙي مان ڪوٽائي مان جيڪي شيون مليون اهي ڪهڙيون آهن؟
جواب .مٽي مان ٺهيل ڦيٿن سان ننڍڙيون گاڏيون ، مختلف جانورن جو شڪليون ۽ ڇڪا شامل آهن.
سوال .ڪهڙن جابلوءَقطارن مان سنڌو درياءَ جو
آغاز ٿئي ٿو؟ جواب .سنڌو درياءَ جو آغاز هماليه جو
جابلو قطارن مان ٿئي ٿو.
سوال. سنڌو ماٿري جو تهذيب جو تعلق ڪهڙي زماني سان آهي؟
جواب. سمرين تهذيب ، ميسوپوٽيميا جي تهذيب ۽ مصر جي تهذيب واري زماني سان آهي.
سوال .سنڌو ماٿري جي تهذيب جي ماڻهن جي ڪرت ۽ دنڌا ڪهڙا هئا؟
جواب .واپاري هئا يا ڪاريگر هئا .ڪمي ڪاسبي هي ڪاريگر ان پيهڻ لاءِ پٿر مان جنڊ ٺاهيندا هئا .ڪي وري
ڪپهه مان ڌاڳو ٺاهي ڪپڙو هئا. ڪن جو ڪم مٽيا ٺاهڻ مچون مارڻ ، برتن ڇپيون ٺهڻ هو. ڪي ڪاريگر
ڏاند گاڏيون ۽ ڪي وري ٻيڙيون ٺاهيندا هئا.
سوال .سنڌو ماٿري جي تهذيب جا ماڻهو ڇا
جا ماهر هئا؟ جواب. فن ۽ عمارت سازي ۾.
سوال .سنڌو ماٿري جي تهذيب وارن ماڻهن جا گهر ڇا
جا ٺهيل هئا؟ جواب. پڪين سرن جا.
سوال .سنڌو ماٿري جي تهذيب ۾ آرٽ جا ڪيترا قسم هئا؟
جواب .3 قسم هئا ۽ اهي هي آهن .عمارت سازي ، سنگ تراشي ۽ ٽانو زيور ٺاهڻ هئا.
سوال .موئن جي دڙي جي کوٽائي کان پوءِ ڪيئن خبر پئي ته اهي ناچ جا شوقين هئا؟
جواب .موئن جي دڙي مان ڇوڪريءَ جو مجسمو ڪيڻ سان خبر پوي ٿي ته ان دور جا ماڻهو ناچ جا شوقين هئا.
سوال .سنڌو ماٿري جي تهذيب ۾ شهرن جي رٿابنديءَ
ڪيئن ٿيل هئي؟ جواب .سنڌو ماٿري جي تهذيب ۾
شهري رٿابندي ۽ عمارت سازي هئي.
سوال .سنڌو ماٿري جا ماڻهو هن گهرن ۾ رهندا هئا اهي
ڪيئن ٺهيل هئا؟ جواب. پڪينءِ ٽولين سيرين جا ٺهيل
هئا.
سوال. سيرن جي اوساري ڇا سان
ڪندا هئا ؟ جواب. گاري سان.
سوال.گاري ۾ ڇا ميلائيندا
هئا؟ جواب. چيرولي ۽ چن
ملائيندا هئا.
سوال. سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جي ماڻهن جي هنرن ۽ فنن جي
فهرست ڪئين آهي ؟ جواب. اها هيءِ آهي.

1.مورتيون مجسما 2. رڱابندي سان گھرن جي اڏاوت 3. سنگتراشي 4. مهرون 5. ٺڪر جا ٿانو 6. سونا زيور 7. پيراڪوٽا ، ويني يڪل متيِ ٺڪر جون شيون 8. ڪانسي ۽ ڪوريءَ ۾ پڪل پٿر جون شيون وغيره.

سوال .ماپ تول جو سرشتو ڇا لاءِ رائج ڪيو ويو؟

جواب. ماپ تور جو سرشتو ان لاءِ رائج ڪيو ويو ته جيئن ڌاتن ۽ شين جي صحيح ماپ تور ٿي سگھي.

سوال. اڪثر اوزار ڇا جا ٺهيل هوندا هئا؟

.جواب . اڪثر اوزار ٽامي،ڪانسي،شيهي۽ٽن يا قلعي جا ٺهيل هئا.

سوال .ڌاتو جي نون قسمن جي نتيجي ۾ ڇا
جي ترقي ٿي؟ جواب .سائنس ۽ ٽيڪنالاجي
جي.

سوال .سنڌو ماٿري جي تهذيب جي ماڻهن جي معيشت جو
دارومدار ڇا سان هو؟ جواب. واپار سان هو.

سوال .ترڪي ڪرڻ ۾ ڇا جي
سهولت هئي ؟ جواب .واپار جي.

سوال .واپار ڪھڙي قسم جو
ٿيندو هو؟ جواب. اوزارن جو ،
ٽرانسپورٽ جي ذريعي.

سوال .سنڌ ماٿري جي تهذيب جا ماڻهو ڪھڙا اوزار استعمال ڪندا هئا ؟ جن ڪمن ۾ اهي استعمال ٿيندا هئا انهن مان ڪو هڪ ڪم ٻڌايو؟

جواب. سنڌو ماٿري جو تهذيب جا ماڻهو جيڪي اوزار استعمال ڪندا هئا انهن ۾ هٿوڙا ، ڇيڙيون ، سئيون ،مڇي ڦاسائڻ جون ڪنڍيون ، ڪهاڙيون ، پاڪيون ، ڪرايون شامل هيون. اهي اوزار سنگتراشي مڇي ڦاسائڻ وڻ وڍڻ وغيره لاءِ استعمال ڪندا هئا.

سوال .وزن ڪرڻ لاءِ ڪهڙي ٽيڪنالاجي جي فن طريقو استعمال ڪيو ويندو هو؟

جواب .تور جا وزن يا وٽ 05.0 ، 1.0 ، 2.0، 5.0، 10، 20، 50 ، 100، 200، ۽ 500 جي يونٽن ۾ ورهايل آهن جيڪو هر هڪ يونٽ جي طور يا وزن 28 گرامن جي برابر آهي جيڪو انگريزن جي آئونس تور يا يونان جي انسي جھڙو آهي.

سوال. ٻين هنڌن سان واپار ڪرڻ لاءِ ڪهڙي ٽيڪنالاجي جي سهولت
استعمال ڪندا هئا؟ جواب. ڏاند گاڏيون ۽ ٻيڙيون استعمال ڪندا هئا.

سوال. اسان کي ڪيئن خبر پوي ٿي ته سنڌو ماٿري جا ماڻهو ٻين هنڌن سان واپار ڪندا هئا؟

جواب. کوٽائي دوران هٿ آيال شين ۽ مختلف ڌاتن مان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌو ماٿري جو ماڻهو ٻين هنڌن سان واپار ڪندا هئا.

سوال .سنڌو ماٿري جي تهذيب جو زوال
ڪيترو هو؟ جواب .1300 قبلي مسيح.

سوال. سنڌو ماٿري جي تهذيب گھڻن سبب جي ڪري اهميت واري آهي؟ ۽ اهي ڪھڙا آهن؟

جواب .3 ۽ اهي هي آهن ،1. شهري رٿا بندي 2. عمارت سازي جو هنر ، سفائيءَ جو بهترين سرشتو 3. هنر ۽ فن جا مختلف قسم.

سوال. هيءَ تهذيب ڪيئن تباهه ٿي؟

جواب .اهڙي اوچتي قدرتي آفت جهڙوڪ ٻوڏ وغيره جي ڪري هي تهذيب تباهه ٿي.

سوال .موئن جي دڙي جي کوٽائي ڪندي ڪيترا انساني

هڏاوان پڃرا مليا؟ جواب .39.

سوال .اهو سرشتو جنهن ذريعي ڪميونٽي تي حڪمراني ڪئي وڃي ان

کي ڇا چئبو آهي؟ جواب .حڪومت.

سوال .حڪومت ڇا

ٺاهيندي آهي؟ جواب.

پاليسيون ۽ قانون.

سوال. پاليسيون ۽ قانون ڇا جي لاءِ ٺاهيا

ويا آهن؟ جواب. ملڪ تي حڪمراني

ڪري سگهي.

سوال .پاڪستان جو حڪومتي سرشتو ڇا تي

مشتمل آهي؟ جواب. جمهوري وفاقي پارلياماني.

سوال .پاڪستان جي وفاقي سرشتي ۾ اختيار ڇا ۾

ورهايل هوندا آهن؟ جواب .وفاق ۽ صوبن ۾.

سوال .پاليامينٽي طرز جي حڪومت ۾ ڇا

ڏار نه آهي؟ جواب. قانوني ۽ انتظامي.

سوال .حڪومت ڇا کي چئجي ٿو؟

جواب .هڪ ملڪ تي ضابطو ۽ انتظام هلائيندڙ ماڻهن جي گروهه کي حڪومت چئجي ٿو.

سوال .سڄي ملڪ لاءِ عوامي پاليسيون ۽ قانون ٺاهڻ ڪنهن

جي اختيار ۾ آهن؟ جواب. حڪومت جي اختيار ۾ آهن.

سوال .حڪومت جي وفاقي قسم جي هجڻ جو ڪهڙو مطلب

آهي؟ جواب. حڪومت اختيار وفاقي حڪومت ۽ صوبائي

حڪومتن ۾ ورهايل هجن.

سوال .پاڪستان جي وفاقي ايڪاين جا نالا ؟

جواب .1. چار صوبا سنڌ ، پنجاب، خيبرپختونخواه ۽ بلوچستان.

2. وفاقي گادي جو هنڌ اسلام آباد.

3. وفاقي انتظام هيٺ قبائلي علائقا)فاٽا(.

4. گلگت بلچستان.

سوال .پارلياماني حڪومت جي نظام جي مکيه خاصيت ڪهڙي آهي؟

جواب. حڪومت جي پارلياماني سرشتي ۾ سڀ حڪومت اختيار قانون ساز اداري يعني پارليامينٽ وٽ هوندا
آهن تہ انتظامي طاقت ۽ اختيار قانون ساز اداري کان ڌار ٿيل نہ هوندا آهن.

سوال .پارلياماني حڪومت جي سرشتي ۾ ماڻهو پنهنجا نمائيندا ڪيئن چوڻيندا آهن؟

جواب .هن نظام ۾ عوام جهموري چوندن ذريعي پنهنجا نمائيندا چوندي ٿو ۽ پاڻ مٿان حڪمراني جو حق ب ہ ان کي ڏئي ٿو.

سوال .حڪومت جون شاخون ڪيتريون ۽
ڪهڙيون آهنئ جواب .3 آهن ،اهي قانوني ہ ،
عدلي ہ ۽ انتظامي ہ.

سوال .قانون ساز اداري يا پارليامينٽ جا 2 وڏا ايوان
ڪهڙا آهن؟ جواب. قومي اسمبلي ۽ سينٽ.

سوال. حڪومت جو سربراه ڪير
هوندو آهي؟ جواب .وزير اعليٰ.

سوال .وزير اعليٰ پنهنجي قابين ہ جي وزيرن جي مقرري ڪهڙن
ميمبرن مان ڪندو آهي؟ جواب. پارليامينٽ مان.

سوال .پاڪستان جي اعليٰ ترين عدالت
ڪهڙي آهي؟ جواب. سپريم ڪورٽ.
)اسلام آباد(سوال .قانون ساز اداري جا ڪم
ڪهڙا آهن؟

جواب. قانون ساز اداري جو مکي ہ ڪم نوان قانون جوڙڻ ۽ موجوده قانونن ۾ تبديلي يا ڦير ڦار آڻڻ آهي.

سوال .سينيٽ جي قائم ڪرڻ جو مقصد ڪهڙو هيو؟

جواب .سينيٽ مستقل قانون ساز ادارو آهي جيڪو قامي معاملن ۾ تسلسل جي ِضمانت ڏئي ٿو.

سوال .وفاقي حڪومت ڪير جوڙي ٿو؟

جواب. وفاقي حڪومت جي انتظامي ہ جي جهڙوڪ چونڊيل نمائندا ڪن ٿا.

سوال .رياست جو سربراه ڪير آهي؟

جواب. صدر.

سوال. وفاقي حڪومت جو سربراه
ڪير آهي؟ جواب. وزير اعظم.

سوال. وزارت ۾ ڪهڙا شامل
هوندا آهن؟ جواب. وزير
اعظم ۽ وزير شامل آهن.

سوال .بيورو ڪريسي ڇا کي ٿو
سڏجي؟ جواب. سول ۽ فوجي
آفيسر.

سوال .پاڪستان ۾ عام چونڊ ڪڏهن
منقعد ٿئين ٿي؟ جواب.5 سال ۾.
سوال. پاڪستان ووٽري ٿيڻ لاءِ ڪيتري عمر
مقرر ٿيل آهي؟ جواب.18 سال.
سوال .پاڪسان ۾ نمائيندو ٿيڻ لاءِ ڪيتري عمر
مقرر ٿيل آهيئ جواب .25 سال.
سوال .پاڪستان ۾ چونڊ ڪرائڻ واري ذميوار اداري جو نالو ڇا آهي؟
جواب .اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان.
سوال .ماڻهن سان خبرون ۽ خيال ونڊڻ جي ذريعي کي ڇا
چوندا آهن؟ جواب. ميڊيا.
سوال .اليڪٽرانڪ خبر رسائيءَ جي ذريعن کي ڇا
چئبو آهي؟ جواب .اليڪٽرانڪ ميڊيا.

سوال .ميڊيا هوئسس جي آمدني جو مکيه ذريعو
ڪهڙو آهي؟ جواب .اشتهار بازي.
سوال .نشانين ۾ ڏنل پيغام جيڪو صرف مشين پڙهي سگهي
ٿي ان کي ڇا چئجي ٿو؟ جواب .ڊيجيٽل ميڊيا.
سوال .ڪاغز يا پني جي وسيلي خبرن جي ذريعي کي
ڇا چئبو آهي؟ جواب .پرنٽ ميڊيا.
سوال .انٽرنيٽ ۽ ٽيليوزن ذريعي ماڻهو هڪ ٻئي سان خبر رسائي وارا رابطي ۾ رهن ٿا ان کي ڪهڙي
ٽيڪنالاجي چوندا آهن؟ جواب. سوشل ميڊيا.
سوال .ميڊيا ڇا کي سڏجي ٿو؟
جواب .خبر چار جا سيئي ذريعا جن وسيلي خبرون ۽ معلومات وندر ورونهن ,تعليم يا واڌاري جا پيغام پکڙيا وڃن تن کي عام طرح ميڊيا چيو وڃي ٿو.
سوال .ميڊيا جي مختلف قسم گهڻا ۽ ڪهڙا آهن؟
جواب. ميڊيا جا 4 قسم آهن ,1. پرنٽ ميڊيا ,2. اليڪٽرانڪ ميڊيا ,3. ڊجيٽل ميڊيا ,4. سوشل ميڊيا.
سوال .سماجي سياسي ۽ اقتصادي مسئلا ڪهڙا آهن؟
جواب. آبادي جي واڌ ، تعليم ، صحت ، روزگار، تفريح، ملڪ جون سياسي سرگرميون ,واپار ، رٽابندي وغيره.
سوال .ميڊيا ڇا جي حق جي واڌاري ۽ بچاءِ جي
حمايت ڪري ٿي؟ جواب .تقرير ۽ اظهار.
سوال .جڏهن ميڊيا عوامي عهدن تي فائز فردن جي فيصلن کي عوام تائين پهچائي ٿي تڏهن اها ڇا جو
ڪردار ادا ڪري ٿي؟ جواب. نگران ۽ چوڪيدار جو.
سوال .معلومات جي آزادي شهرين کي ڪهڙو فيصلو ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي؟

جواب. معلومات جي آزادي شهرين کي اهو فيصلو ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي ته ايندڙ چونڊن ۾ ڪهڙن نمائيندن کي منتخب ڪن.

سوال .ميڊيا کي لازمي ڪهڙي طرح هئڻ
گهرجي ؟ جواب. آزاد ۽ غير جانبدار هئڻ
گهرجي.
سوال. ميڊيا اسان کي نه رڳو معلومات ۽ خبرون ڏئي ٿي پر اها اسان کي
______ به ڪري ٿي؟ جواب. گمراهه.
سوال .هڪ شخص يا گروهه جي راءِ کي ٻئي تي ترجيح ڏيڻ جي رجحان
کي ڇا سڏجي ٿو؟ جواب .تعصب.
سوال .جذبن کي اڀارڻ لاءِ استعمال ڪيل چاڻ يا حربي کي
ڇا سڏبو آهي؟ جواب .پروپيگنڊا.
سوال .جڏهن سڀ عورتون ۽ سڀ مرد ڪنهن هڪ روش مطابق هلن ته
ان کي ڇا چئبو آهي؟ جواب. روايتي ، رسمي يا اسٽيريو ٽائپنگ
چئبو آهي.
سوال .حقيقت ۽ راءِ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
جواب. حقيقت اها آهي جيڪا واقعي رونما ٿي چڪي آهي ۽ جنهن کي توهان ثابت ڪري سگهجي ٿو جڏهن ته راءِ شاهديءَ تي
ٻڌل نه هوندي آهي يا ان جي تصديق ڪري سگهجي.
سوال .پروپيگنڊا ڪرڻ جا ڪيترا طريقا آهن؟
جواب. پروپيگنڊا جا ڪيترا ئي طريقا آهن پر هتي عام طرح استعمال ٿيندڙ اٺ نمونا پيش ڪجن ٿا.

1. ڪارڊ چئبرڻائڻ يا هئڻ.
2. گهٽ وڌ ڳالهائڻ ، توهين وارا جملا.
3. موقعي پرستي کان ڪم وٺڻ.
4. جذبن کي اڀارڻ.
5. منتقل ڪرڻ وارو طريقو.
6. چمڪندڙ عموميتيون.
7. راءِ جي تصديق.
8. عام سادا ماڻهو.

سوال .ڏکڻ ايشيا ڪهڙن ملڪن تي مشتمل
آهي؟ جواب .8 ملڪ آهن.
سوال .علامتو يا ربنجن ڇاکي ٿو سڏجي؟
جواب. زمين هڪ وڏو حصو ،جنهن جون مکيه ڳالهيون هڪ جهڙيون هجن تنهن کي علامتون يا ربجن سڏجي ٿو.
سوال .ڏکڻ ايشيا ڇا سان وڪوٽيل آهي؟

جواب. ڏکڻ ايشيا جو اتر ، اتر _ اولهه ۽ اتر _ اوڀر جبلن جي قطارن سان وڪوڙيل آهن.

سوال. پاڪستان جي ڏکڻ ۾ ڪهڙو سمنڊ
آهي؟ جواب .عربي سمنڊ.

سوال .ڏکڻ ايشيا هڪ ريجن يا علائقو آهي ان جون ڪهڙيون خاصيتون
ساڳيون آهن؟ جواب .ٻولي حڪومت جو نمونو يا طرز ۽ مذهب
ساڳيون آهن.

سوال .ريجن ڇا آهي؟

جواب .هڪ ريجن يا علائقو ڌرتيءَ جي اها وسيع ايراضي آهي جنهن جون مکيه ڳالهيون هڪ جهڙيون آهن.

سوال. ڏکڻ ايشيائي ريجن ۾ ڪهڙا ملڪ اچي وڃن ٿا ؟

جواب .افغانستان ، بنگلاديش، ڀوٽان ، هندستان ، مالديپ، نيپال، پاڪستان ۽ سري لنڪا.

سوال .هي خاصيتون بيان ڪريو، جنهن جي ڪري ڏکڻ ايشيا کي ريجن سڏجي ٿو؟

جواب .ان جون خاصيتون هي آهن ، ان جي طبي خاصيتن ۾ جبل ، ٻيلا ، جهنگلي جيوت ۽ آبهوا اچي وڃن ٿا . انساني خاصيتن ۾ ٻولي ، حڪومت جو نمونو يا طرز ۽ مذهب اهم ڳالهيون آهن.

سوال. فولڊ ۽ مڙيل جبل ڪيئن ٺهن ٿا؟

جواب .جڏهن ٽڪريون مٿانهن وڪڙن ۽ هيٺانهن وڪڙن ۾ موڙن ٿيون ته فولڊ يا مڙيل جبل ٺهن ٿا.

سوال .بلاڪ جبل ڪيئن ٺهن ٿا؟ جواب .جڏهن پليٽون هڪ ٻئي ڏانهن چرپر ڪن ٿيون
وڪوڙجن نه ٿيون پر انهن ۾ چير يا ڦاٽ پون ٿا ته بلاڪ جبل ٺهن ٿا.

سوال .ٻرندڙ جبل ڇا کي چوندا آهن؟

جواب. جڏهن لاوا رجيل مادو ڌرتيءَ جي مٿاڇري ڏانهن وهي هلي ٿو ته ڪون يا نباتي شڪل جهڙا جبل ٺهي ٿو جنهن کي ٻرندڙ جبل چئبو آهي.

سوال .وڏا پٽ يا ميدان ڇا ذريعي
ٺهن ٿا؟ جواب .ڪاڌ ۽ لٽ ذريعي
ٺهن ٿا.

سوال .ڏکڻ ايشيا جا 3 وسيع پٽ يا ميدان ڪهڙا
آهن؟ جواب .ڏکڻ جو مٿائون پٽ ،پوٺوهار ۽
بلوچستان جو مٿائون پٽ.

سوال .نيپال جي ماڻهن جي ڇا
سڏيندا آهن؟ سجواب.
نيپالي.

سوال .سري لنڪا جا ٻه نسلي گروپ
ڪهڙا آحن؟ جواب. سنهالي ۽
تامل.

سوال .مالديپ ملڪ جا ماڻهو ڪيترا في سيڪڙو مڇي جو
ڌنڌو ڪندا آهن؟ جوب . 80 في سيڪڙو.

سوال.مالديپ ملڪ ڇا تي
ٻڌل آهي؟ جواب .ٻيٽن تي.

پاڪستان جي ماڻهن جو ڌنڌو زراعت آهي.
نيپال ۾ پوک ڪرڻ واپار ڍڳيون مال پالڻ ۽ رهنمه جو ڪم ڪرڻ مکيه ڌنڌو آهي.
هندستان جي ماڻهن جو مکيه ڌنڌو پوکي راهي آهي.
ڀوٽان ۾ ماڻهو پوکي راهي ڪن يا مال جي ڌڻ پالن ٿا.
سري لنڪا ۾ ماڻهن جو مکيه ڌنڌو ٻني پوکڻ آهي.
افغانستان ۾ ماڻهو محنت مزدوري ڪن ٿا.
سوال. ڌرتيءَ جون ابتدائي سر گرميون ڇا کي چئبو آهي؟
جواب .زمين پاڻي ۽ معادنيات کي استعمال ڪجي ٿو انهن کي ابتدائي سرگرميون سڏجي ٿو.
سوال .ثانوي اقتصادي سر گرميون ڇا کي ٿو چئجي؟
جواب .سرگرمين ۾ خام يا ڪچو مال استعمال ٿئي ٿو ۽ اهي قيمتي شيون ٺاهين ٿيون. ان کي ثانوي اقتصادي سرگرميون چئبو آهي.

سوال .ٽئين قسم جون اقتصادي سرگرميون
ڪهڙيون آهن؟ جواب .جيڪي خدمتون
مهيا ڪن.
سوال .آباديءَ جي اصطلاح جي معنيٰ ڪهڙي آهي؟
جواب .ڪنهن شهر, ٽائون يا ڳوٺ ۾ رهندڙ ڪل ماڻهن جا تعداد ڪا آبادي چئجي ٿو.
سوال .ماڻهو ڪنهن خاص علائقي ۾ رهڻ جو پسند ڪن ٿا؟
جواب .ماڻهو انهن هنڌن تي رهڻ پسند ڪندا آهن جتي پاڻي ، زرخيز زمين ۽ روز گار جا موقعا موجود هجن.
سوال .گهاٽائي يا ڇڊتيل آبادي جي اصطلاح جي سمجهاڻي ڏيو؟
جواب .جڏهن ڪنهن ايراضي يا علائقي ۾ رهندڙ ماڻهن جو تعداد موجوده ايراضيءَ جي لحاظ کان گهڻو وڌيڪ هوندو آهي ته ان
جاءِ کي ڇڊتيل يا گهاٽي آبادي چئبو آهي.
2015ع ۾ ڪن ملڪن جي آبادي)ملين ۾(:

ملڪ جو نالو	آبادي
چين	1346
هندستان	1241
آمريڪا	312
انڊونيشيا	238
پاڪستان	200
برازيل	197
نائيجريا	162
بنگلاديش	151

روس	143
جپان	128

سوال .پاڪستان جي آباديءَ ۾ واڌاري جا ڪهڙا سبب آهن؟ جواب .پاڪستان ۾ وڌندڙ آباديءَ جا هي سبب آهن.

1. پڙهيل ماڻهن جي گهٽ شرح
2. ننڍيءَ عمر ۾ شادي
3. پٽن کي ترجيح
4. ڪراڙپ ۾ سماجي تحفظ
5. غربت
6. قبائلي جهيڙا جهڳڙا ۽ خاندان جي طاقت

سوال .ڏکڻ ايشيا ۾ آباديءَ جي مخصوص نمونن جي سمجهاڻي ڏيو؟ جواب .1. ڳوٺاڻي آبادي 2. شهري آبادي

ڳوٺاڻي آباديءَ وارا: گهٽ پڙهيل هئڻ ڪري مخصوص سببن جي ڪري ٻارن جي تعداد ۾ واڌارو ڪرڻ گهرن ٿا ,جڏهن ته شهري آبادي پڙهيل لکيل هئڻ ڪري ٻارن جو تعداد گهٽ رکن ٿا, ته جيئن هو انهن جي بهتر نموني پرورش ڪري سگهن.

سوال .واڌو آبادي ڇا آهي؟

جواب. ڪنهن ايراضيءَ ۾ ماحولياتي گنجائش کان وڌيڪ ماڻهن جي تعداد کي واڌو آبادي چئجي ٿو.

سوال .آباديءَ ۾ واڌ جي ڪري جيڪي مسئلا پيدا ٿين ٿا,تن مان هر هڪ تي به جملا لکو؟ جواب .آباديءَ ۾ واڌ سان جيڪي مسئلا پيدا ٿين ٿا, تن ۾ هي شامل آهن:

1. آباديءَ جي واڌ سان رهائش لاءِ گهرن جي ضرورت پوي ٿي, جيڪي تڪڙي واڌ جي ڪري جلد تيار ٿي نٿا سگهن.
2. آباديءَ ۾ واڌ جي ڪري طبي سهولتن تي بار پوي ٿو ۽ اسپتالون ۽ شفاخانا قائم ڪرڻا پون ٿا ,جڏهن ته سامان ۽ ڊاڪٽرن جو به بندوبست ڪرڻو پوي ٿو.

سوال .ڏکڻ ايشيا جي ماڻهن جي معيارِ زندگيءَ تي اثر انداز ٿيندڙ ڳالهيون ڪهڙيون آهن؟ جواب .گهرن جو هجڻ , کاڌو خوراڪ ,پاڻي ,تعليم, صحت وغيره.

سوال. آباديءَ جي ورڇ ۽ ڳتيل آباديءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

جواب .جنهن طريقي سان ماڻهو ڪنهن ايراضيءَ ۾ ڦهليل آهن, ان کي آباديءَ جي ورڇ چئجي ٿو ,جڏهن ته گهاٽي آبادي ڪنهن هڪ ايراضيءَ ۾ رهندڙ ماڻهن جو اهم تعداد آهي ,جنهن کي هڪ ڪلوميٽر ۾ رهندڙ ماڻهن جي حساب سان ڏيکاريو ويجي ٿو.

سوال .ترقي پذير ملڪن جي ڪٽنبن ۾ ٻار گهڻا آهن؟ جواب. ان جا سبب هي آهن:

1. ننڍي عمر ۾ شادي
2. پڙهيل ماڻهن جي گهٽ شرح
3. پٽ جي اولاد جي خواهش

سوال .ترقي يافته ملڪن جي ڪٽنبن ۾ ٿورا ٻار آهن؟ جواب. ان سبب هي آهن:

1. ماڻهن جو پڙهيل لکيل هئڻ
2. ماڻهن ۾ شعور جو وڌڻ
3. ننڍي عمر ۾ شادي نه هئڻ

سوال .اسان جو گهرجون لامحدود آهن ، پر اسان جا ڇا محدود آهن؟ جواب. ذريعا.

سوال .ماڻهو جيڪا چونڊ ڪن ٿا ، ان جو دارومدار ڇا تي آهي؟ جواب .آمدني ، قيمت، گهرج ۽ قدرتي تي آهي.

گهرج جي فهرست ۽ انهن جي پورائي جا ذريعا

گهرجن جي فهرست	انهن جي پورائي جا ذريعا
بوٽ خريد ڪرڻ	ضرورت
گهوڙي سواري ڪرڻ	تفريح
فلم ڏسڻ	آمدني
مڇي ۽ چپس کائڻ	گهرج
بينڪ ۾ اڪائونٽ کولڻ	بچت

سوال .اثاث اصطلاح جي وصف لکو ،اثاث ڇوٽي پيدا پٽي؟
جواب. ڪوٽ يا اثاث تڏهن ٿي ٿئي، جڏهن) فردن ۽ گروهن جي حيثيت سان(ماڻهن جون شيون ۽ خدمتون لاءِ گهرجون لامحدود ٿي وڃن ٿيون.
سوال .اصطلاح چونڊ جي وصف بيان ڪريو، اسان چونڊ ڇو ٿا ڪيون؟ جواب .جڏهن ماڻهن جون شين ۽ خدمتن لاءِ گهرجون لامحدود ٿي وڃن ٿيون ، تڏهن چونڊ ڪرڻي پوي ٿي، سوال .چونڊ ڪرڻ مهل اسان ڪهڙين ڳالهين کي ڌيان ۾ رکندا آهيون؟
جواب .چونڊ ڪرڻ مهل اسان کي اها ڳالهه ڌيان ۾ آڻيون پونديون آهن ، ته اسان پنهنجي گهرجن جو پورائي ڪيئن ڪريون، ان لاءِ آمدني قيمت ، گهرجن ۽ قدر ڌيان ۾ رکندا آهيون.
سوال .قدر ڇا کي چئجي ٿو؟
جواب .اهي شيون جيڪي اسان جي زندگيءِ لاءِ اهم آهن ، انهن کي قدر چئجي ٿو.
سوال .متبادل)TRADE OFFS(جي معني ڇا آهي؟

جواب .متبادل) TRADE OFFS(جي اصطلاح جي معنٰيٰ آهي، ٻن شين ڪي متوازن بنائڻ جو عمل.

سوال .قيمت ڇا کي چئبو آهي؟

جواب .قيمت يا ملھ اهو ناڻو آهي ،جيڪو ڪنهن شيءِ يا خدمت مان حاصل ڪريون ٿا ۽ اهو خرچ ڪري اها شيءِ يا خدمت حاصل ڪريون ٿا.

سوال .اسان جيڪا چونڊ ڪيون ٿا ان تي ڪهڙيون ڳالهيون)ناٽي ڪانسوءِ(اثر انداز ٿين ٿيون؟ جواب. ان تي هي ڳالهيون اثر انداز ٿين ٿيون .گهرجون ،پسند، ترجيحات ۽ انهن جا قدر وغيره.

سوال .عابد ارڙهن سالن جي عمر ۾ سگريٽ ڇڪڻ شروع ڪري ٿو؟ جواب .ان سان خرچ ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ صحت تي خراب اثر پوي ٿو.

سوال .زويا ٻارهن سالن جي عمر ۾ پڙهڻ ڇڏي ڏئي ٿي.

جواب .هن مجبوريءَ سبب ائين ڪيو.

سوال .سمير اٺا ڏهن سالن جو مس ٿيو هو ته هن اسڪول ۾ پڙهائي ڇڏي گيراج ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

جواب .گهرجن لاءِ آمدني وڌائڻ لاءِ هن ائين ڪيو.

سوال .ڪنهن شيءِ کي استعمال ڪندي جيڪڏهن ان جي آپرچيونٽي ڪاسٽ ناهي ته پوءِ اسان ان کي ڇا سڏيندا آهيون؟ جواب .مفت.

سوال .اهي ماڻهو جيڪي شين ۽ خدمتن کي پنهنجي ذاتي گهرجن ۽ ضرورتن لاءِ استعمال ڪن ٿا انهن کي ڇا چئبو آهي؟ جواب .ڪنزيومر يا واپرائيندڙ چئبو آهي.

سوال .فرد ۽ فرد جيڪي ذريعن کي استعمال ڪري شيون ۽ خدمتون مهيا ڪن ٿا تن کي ڇا چئبو آهي؟ جواب. پروڊيوسر يا پيدا وار ڪندڙ.

سوال .آپرچيونٽي ڪاسٽ يا موقعي جي قيمت ڇا کي چئبو آهي؟

جواب .موقعي تي قيمت يا آپرچيونٽي ڪاسٽ ڪنهن شيءِ يا عمل يا سرگرميءَ جي حوالي ڏانهن اشارو ڪري ٿي ، جنهن کي توهان قربان ڪيو يا جنهن جي چونڊ ۾ انتخاب ڪيو يا انهن کي ڇڏي ڏنو وڃي.

سوال .اهو سمجهايو ته سڀني معاشي فيصلن کي آپرچيونٽي يا موقعو مليل آهي؟

جواب. موقعاتي قيمت يا آپرچيونٽي ڪاسٽ بچائڻ ۽ ڪپائڻ جي فيصلن سان لاڳاپيل هوندي آهي ، اهو فيصلو ڪرڻ ته بچت ڪجي ،معنيٰ ته ڪنهن شيءِ کي ڪائڻ ، ماڻڻ ۽ ڇڏي ڏيڻ جو موقعو هٿان وڃائجي ،اهو ان ڪري به ڪجي، جو مستقبل ۾ وڌيڪ بهتر طور زندگيءَ جي شين ۽ حالتن کي ماڻي سگهجي.

ڏنل ٺهڪندڙ وصف سان ملايو.	
ضرورتون	شين ۽ خدمتن کي پنهنجي ذاتي ضرورتن ۽ گهرجن لاءِ استعمال ڪن ٿا.
گهرجون	اهڙيون تقاضائون جيڪي زندگيءَ کي برقرار رکڻ لاءِ ضروري آهن.
آپرچيونٽي ڪاسٽ	ذريعن کي استعمال ڪري شيون ۽ خدمتون پيدا ڪن ٿا.
پروڊيوسر)پيدا ڪندڙ(	اهڙيون خواهشون جيڪي جياپي لاءِ ضروري ناهن پر زندگيءَ کي ڪي قدر آمودو بڻائين ٿيون.

ڪنزيومر)واپرائيندڙ(	پئي نمبر تي بهتر متبادل يا اختيار جنهن کي چڱو پوي ٿو .جڏهن ڪا چونڊ ڪري چڏجي ٿي.

سوال. حڪومت عوامي ڀلائي وارين شين تي خرچ ڪئين ۽
ڪٿان ڪري ٿو؟ جواب . ٽيڪس ۽ خدمت مان حاصل
ٿيل آمدنيءِ مان ڪري ٿو.

سوال. واپار ڪندڙ اداري کي ڇا سڏبو آهي.

جواب.فرم.

سوال.جڏهن ساڳيو ڪاروبار مختلف گروهه گڏجي ڪم ڪن ۽ ساڳيون شيون ۽ خدمتون پيدا
ڪن ان کي ڇا چئبو آهي؟ جواب . صنعت يا انڊسٽري چئبو آهي.

سوال .حڪومت جن واپار يا ڪاروبار کي هلائي ٿي ۽ انهن کي خانگي شعبي جي طرز تي منافو ڪمائيندڙ تجارت بڻائي
ٿي ، انهن کي ڇا سڏجي ٿو؟ جواب .انهن کي سرڪاري ملڪيت وارا ادارا سڏجي ٿو.

سوال .رضاڪاراڻا طور ڪم ڪندڙ ادارن کي
ڇا سڏبو آهي؟ جواب .غير منافعي بخشش
تجارت ڪندڙ ادارا.

سوال .فرم ڇا آهي؟

. هڪ فرم لڳو هڪ قسم جي تجارت يا شيءِ ۽ خدمتن جي اپر ڪري ٿي.

. صنعت ڇا آهي؟

.واپار يا پيدا وار ڪندڙن جو ميڙ يا مجموعو آهي ،جيڪو ساڳيءَ شيءِ يا خدمت پيدا ڪري ٿي .

سوال .ڪنهن شخص يا واپاريءَ کي ٿيندڙ آمدني تي ادا ڪيل ٽيڪس کي

ڪهڙي ٽيڪس چئبو آهي؟ جواب .انڪم ٽيڪس.

سوال .اهو ٽيڪس جيڪو شين ۽ خدمتن تي اِضافي صورت ۾ ادا ڪجي ٿو ان کي

ڪهڙي ٽيڪس چئبو آهي؟ جواب. وڪرو ٽيڪس.

سوال .اقتصاديات ۾ پيدا واري ذريعن کي ڇا

سڏيندا آهن؟ جواب .پيدا واري عنصر.

سوال .هڪ شخص جيڪو نوان خيال ۽ نيون واٽون پڌائي ٿو ته اپت ڪهڙي ۽ ڪيئن

ڪجي ،ان کي ڇا سڏبو آهي؟ جواب. ان کي منتظم ڪارو بار سڏبو آهي.

سوال .يونان ۾ ڪهڙي ٻولي ڳالهائي

وڃي ٿي؟ جواب. شرچو پڪا ، رڏنکا

۽ لاٽشمخا.

سوال .نيپال جو وڏو ڏينهن يا ڏڻ

ڪهڙو آهي؟ جواب. دشين.

سوال .ڏکڻ ايشيا جا مکيہ مذهب

ڪهڙا آهن؟ جواب .اسلام ، هندو

ڌرم ۽ ٻڌ ڌرم آهن.

سوال .هڪ سماجي گروهہ ڇا تي مشتمل

هوندو آهي؟ جواب. ساڳين

خاصيتن وارن ماڻهن تي.

سوال. بنيادي گروهن جا مثال

ڪهڙا آهن؟ جواب. والدين ، ڀائر ۽

ڀيڻر.

سوال .ثانوي گروهن جا مثال ڪهڙا آهن ؟

جواب .ڪلاس، رانديون ڪندڙن جي ٽيم ۽ آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ.

سوال .بار يا پٽيءَ وارو گراف اسان کي ڇا

ٻڌائي ٿو؟ جواب .ماپ جي ڀيٽ.

.

.

.

سوال .اهڙو بيان جنهن کي سچو ثابت ڪري ڏيکارجي ان کي
ڇا چئبو آهي؟ جواب. مهارت.
سوال .انڪوائري)کوجنا(ڇا کي چئجي
ٿو؟ جواب .کوجنا ڪرڻ بنهه
جاسوس وارو ڪم آهي.
سوال .تاريخ دان ڪنهن وانگر
آهي؟ جواب. جاسوس.
سوال .تاريخ دان بنيادي ذريعن کي استعمال ڪري ڇا ڪندا آهن؟جواب .ثانوي ذريعه تخليق ڪندا آهن.
سوال تاريخي واقعن کي اثرائتي تربيت وار ڏيکارڻ ڇا
جي پٽي آهي؟ جواب ٽائيم لائين يا وقت پٽي
آهي.
سوالهڪ DECATE گهڻن سالن جي برابر هوندو آهي؟
.10 سالن جي برابر آهي.
.ميلينيم ۾ ڪهڻا سال آهن؟
.1000 سال.
سوال .بنيادي ذريعو ڇا کي ٿو چئجي؟
جواب. ڪنهن تاريخي واقعي يا دور بابت اهڙي معلومات جي ذريعي جو مالڪ اهڙو ماڻهو هجي جيڪو پاڻ بذات خدا واقعي يا دور ۾
شامل يا لاڳاپيل هجي، تنهن کي بنيادي ذريعو چئبو آهي.
سوال .ثانوي ذريعو ڇا آهي؟
جواب .ثانوي ذريعا اهي آهن جن ۾ ماڻهو پاڻ سڌي طرح واقعن يا حالتن ۾ شامل يا شريڪ نه هئا.
سوال .نقشو ڇا کي ظاهر ڪري ٿو؟
جواب. نقشو زمين جي سطح جي سڄي يا ڪجهه حصي جي بيهڪ ۽ علائقي کي ظاهر ڪري ٿو.
سوال. نقشي جا 4 جزا يا عنصر ڪهڙا آهن؟
جواب. عنوان ، ڪنجي يا ليجنڊ، قطب نمه پيمانو ۽ اسڪيل ڪي آهن.
سوال. نقشي کي گهڻن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ اهي ڪهڙا آهن؟
جواب. نقشي کي ٻن مکيه قسمن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ اهي موضواتي نقشن ۽ ٽوپو گرافڪ نقشن ۾.
سوال .طبعي يا فزيڪل نقشه ڪهڙن پاڳن کي
ڏيکارن ٿا؟ جواب .علائقي يا ريجن پاڳن کي
ڏيکارن ٿا.

.
.
.

سوال .ٽوپو گرافڪ نقشا زمين جي ڪهڙي حصي کي
ظاهر ڪن ٿا ؟ جواب. هيٺائين ۽ مٿائين.
سوال .نقشي جي اڀياس ڪرڻ ۾ ڪنجي اسان جي ڪهڙي مدد
ڪري ٿي ؟ جواب. نقشي جي ڪنجي يا ليجند نقشي تي
استعمال ٿيل علامتن کي ڏيکاري ٿي.
سوال.نقشو ڪهڙي معلومات فرام ڪن ٿا؟
جواب. جيڪي هنن موضوعن علائقي ۾ رهندڙ ماڻهن بابت معلومات ،مختلق زمين بناوتن جي چاٽ وغيره فرهام ڪن ٿا
سوال. موريا شهنشاهيت جو پهريون حڪمران
ڪير هو؟ جواب. چندر گُپت.
سوال. چندر گپت جي شهنشاهيت
ڪٿي هئي؟ جواب. گنگانديءَ جي
ڏاکڻي ڪناري تي هئي.
سوال. بندوسار کانپوءِ ڪنهن
حڪومت سنڀالي؟ جواب. هن جي پٽ
اشوڪ ڪُمار.
سوال. اشوڪ اعظم ڪير
هو؟ جواب. هي چندر گپت
جو پوٽو هو.
سوال. چندر گپت جو مکيه
صلاحڪار ڪير هو؟ جواب. ڪوٽليا
يا چاڻڪيا.
سوال اشوڪ جي وفات کانپوءِ موريا شهنشاهيت جي
دور ۾ ڇا ٿيو؟ جواب شنشاهيت زوال جو شڪار ٿي
وئي.
سوال.اشوڪ اعظم ڪڏهن شهنشاه ٿيو؟
. 269 ق م ۾.
. موريا شهنشاهيت جي دور ۾ سماج گهڻن طبقن ۾ ورهايل هو؟
. ستن طبقن ۾.
سوال. اهي سماج ڪهڙا هئا؟
جواب. فلاسافر ، آبادگار، سپاهي، ڌنار، ڪاريگر، مصنف ۽ انتظام ڪار.
.
.
.

سوال. موريا دور ۾ سڀ کان وڌيڪ مان
ڪنهن کي مليل هو؟ جواب. هنرمندن ماڻهن
کي.
سوال. موريا دور ۾ تعليم جا مکيه مرڪز ڪهڙا هئا؟
جواب. ٽڪسيلا، اجين ۽ ورڻسي يا ڪاشي تعليم جا
مکيه مرڪز هئا.
سوال. موريا دور ۾ ڪهڙي قسم جا اوزار عام
استعمال ۾ هوندا هئا؟ جواب. لوهه جا اوزار.
سوال. موريا شهنشاهيت ڪڏهن کان
ڪيسيتائين هلي؟ جواب. 500 ق م کان
500 عيسوي تائين.
سوال. موريا شهنشاهيت ڇا جي ڪري
مشهور آهي؟ جواب. اشوڪ اعظم جي
ڪري.
سوال. چندر گپت جي شهنشآهيت ڪهڙي عرصي کان ڪيتري
عرصي تائين هلي؟ جواب. 322 کان 298 ق م .
سوال. بِندوسار جي شهنشاهيت ڪڏهن کان
ڪڏهن تائين هلي؟ جواب. 298 کان 232 ق م
تائين.
سوال. اشوڪ جي شهنشاهيت ڪڏهن کان
ڪڏهن تائين هلي؟ جواب. 232 کان 272 ق م.
سوال. دشرتا جي شهنشاهيت ڪڏهن کان
ڪڏهن تائين هلي؟ جواب. 232 کان 224 ق م.
سوال. سمپرتي جي شهنشاهيت ڪڏهن کان
ڪڏهن تائين هلي؟ جواب. 224 کان 215 ق م.
سوال. شالشِڪه جي شهنشاهيت ڪڌهن کان
ڪڏهن تائين هلي؟ جواب. 215 کان 202 ق م.
سوال. ديوورمن جي شهنشاهيت ڪڏهن کان
ڪڏهن تائين هلي؟ جواب. 202 کان 195 ق م.

.

.

.

سوال. برهادرتھ جي شهنشاهيت ڪڏهن کان
ڪڏهن تائين هلي؟ جواب. 187 کان 180 ق م.
سوال. ايران جي شهنشاهيت ڪيتري
پکڙيل هئي؟ جواب پنجويهه سوء ملين
تائين.
سوالهن دائري ۾ ڪهڙا علائقا اچي وڃن ٿا؟
جوابهن جي دائري ۾ اولهه مصر اناطوليا، اوڀر ۾ هندستان جا ڀاڱا ۽ وچ ۾ زرخيز علائقا اچي ويا.

.
.
.

سوال   ڪيئن شاهي رستو هڪ حڪمران کي شهنشاهيت اقتدار کي برقرار
رکڻ جي قابل بڻائيندو؟جواب. شاهي رستو اڃ وچ ۾ ابلاغي ذريعن جي سرشتي
ذريعي اقتدار کي برقرار رکڻ جي قابل بڻائيندو.

سوال. ايراني شهنشاهيت ڪڏهن
قائم ٿي؟ جواب. 485 ق م ۾.

سوال. دارا جيڪو مشهور رستو جوڙايو، ان کي ڪهڙي نالي سان
سڏيو ويندو آهي؟ جواب. شاهي رستو.

سوال. مذهب جنهن ماڻهن کي پنهنجن مسئلن مان ڦٽندڙ سوالن جا جواب
ڏنا اهو ڪير هو؟ جواب. زرتشت.

سوال. انشان قبيلائي بادشاهت هڪ ٻئي ايراني حڪمران جي حڪم هيٺ قائم رهي،
تنهن جو نالو ڇا هو؟ جواب. مادشام.

سوال. 490 ق م کان 479 تائين ايرانين ۽ يونانين وچ ۾ وڙهيل جنگين
جي فهرست ؟ جواب.

جنگ جو نالو	فاتح
ميراٿن	يونان
ٿرموپالائي	يونان
سلامي	يونان
پيلائيس	يونان

سوال. سائرس اعظم جو مفتوحن سان ورتاءُ
ڪهڙو هو؟ جواب. تمام سٺو ۽ شفقت ڀريو
هو.

سوال. دارا اعظم پنهنجيءَ شهنشاهت کي متحد رکڻ لاءِ ڪهڙا طريقا ۽ اوزار
واهپي ۾ آندا؟ جواب. شاهي رستا ۽ ڌاتوئي سڪا.

سوال. سڪندر اعظم جي لاڏاڻي کان پوءِ شهنشاهت ڪيئن سفر ڪيو؟

جواب. سڪندر اعظم جي لاڏاڻي کان پوءِ شهنشاهت اڪيلي نه هلي سگهي ۽ آهستي آهستي جرنلن جي وچ ۾
ورهائجي وئي.

سوال. ايراني شهنشاهت، يوناني سپيتا کان ڪيئن متاثر ٿي؟

جواب. ايراني شهنشاهت، يوناني سپيتا کان ڪنهن حد تائين متاثر ٿي، هن ۾ سائنسي ڄاڻ، فنون لطيفه
سنگتراشي موسيقي اچي وڃن ٿا.

سوال. رومي سلطنت جي زوال جا ڪيترا سبب آهن؟

جواب. پئسي جو اجايو استعمال، غلامن کان بيدرديءَ سان ڪم وٺڻ، فوج تي حد کان وڌيڪ خرچ ۽
ٽيڪنالاجيءَ جي ڪمي.

سوال. وچئين دور جون تاريخون ڪهڙي

عرصي ۾ آهن ؟ جواب. 400ع کان 1500ع

تائين آهن.

سوال. اونداهي جو دور ڪهڙي دور کي ڏياتو وڃي ٿو؟

جواب. رومي شهنشاهت جي زوال کان شروع ٿي يورپ جي بيداريءَ جي دور کي.

سوال. صليبي جنگين جي معنيٰ ڇا آهي؟

جواب. عيسائي مذهب لاءِ يروشلم کي واپس وٺڻ واسطي اسلامي شهنشاهت سان ويڙهه.

سوال. اها ڪهڙي بيماري هئي جنهن يورپ ۾

انقلاب آندو هو؟ جواب. طاعون جي بيماري.

صليبي جنگيون ڏهه لڳيون انهن جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي.

پهرين صليبي جنگ	1096ع کان 1099 تائين
ٻي صليبي جنگ	1147ع کان 1149ع تائين
ٽين صليبي جنگ	1189ع کان 1192ع تائين
چوٿين صليبي جنگ	1202ع کان 1204 تائين
پنجين صليبي جنگ	1217ع کان 1221ع تائين
ڇهين صليبي جنگ	1228ع کان 1229ع تائين
ستين صليبي جنگ	1248ع کان 1254 تائين
اٺين صليبي جنگ	1270ع
نائين صليبي جنگ	1271ع کان 1272ع تائين

سوال. اهي ڪهڙا عنصر هئا، جن جي ڪري عباسي ملوڪيت پڇاڙيءَ تي پهتي؟

جواب. مرڪزي حڪومت ۾ انتظاميه جي ڪمزور خليفي هارون الرشيد کانپوءِ خانه جنگي شروع ٿي، اهڙي

نموني عباسي ملوڪيت پڇاڙيءَ تي پهتي.

سوال. ڪهڙن عنصرن جي ڪري سلطنت عثمانيه اُسري ۽ اڌ يورپ ۾ پکڙجي ويئي؟

جواب. فوج کي منظم ڪيو، انهن جا ٻه جٿا ٺاهيا، غازي ۽ جانثار وسيلا تمام گهڻا هئا، فوج کي مضبوط ڪيو.

سوال. ايراني شهنشاهت جو عروج ڪهڙي
صدي ۾ ٿيو؟ جواب. ڇهين صدي ق م.
سوال. ايراني شهنشاهت ڇا سان مالا
مال هئي؟ جواب. ڪاٺين ۽ معدنيات
سان مالا مال هئي.
سوال. سائرس ڪيتري عرصي تائين
فتحون ماڻيون؟ جواب. 535 ق م کان
550 ق م تائين.
سوال. سڪندراعظم گهڻيون فتحون
حاصل ڪيون؟ جواب. تمام گهڻيون.
سوال. مسلمانن ۽ عيسائين ۾ ڪهڙيون
جنگيون لڳيون ؟ جواب. صليبي واريون.
سوال 1040 ع ڌاري ڪا نيوء ڪنهن وچ ايشيا ۾
ڪاهون ڪيو؟ جواب. سلجوق ترڪن
سوال.1220 ع ڪا نيوء ڪنهن وچ ايشيا ۾
ڪاهون ڪيو؟ جواب. لادين منگولن.
سوال. عثمائي ترڪن يورپ تي ڪڏهن
ڪاهه ڪئي؟ جواب. 1350 ع ۾.
سوال. يارهين صديء جي پڇاڙيء تي هنسپانوي عيسائين ، هوريون هوريون ڪهڙي
ملڪ کي فتح ڪيو؟ جواب. اسپين کي.
سوال.آئين ڇا هوندو آهي؟
جواب. آئين ڪنهن به رياست جو بنيادي قانون هوندو آهي.
سوال. آئين ڇا جي لاء هوندو آهي؟
جواب. اهو ٻڌائي ٿو ته حڪومتي نظام ڪيئن هلائجي.
سوال. آئين جا فرض ڪهڙا آهن؟
جواب. اهو وفاق ۽ صوبائي حڪومت وچ ۾ اختيارن جي ورڇ ڪري ٿو، اهو سياسي عمل کي باقاعدي هلائڻ
جا اصول فراهم ڪري ٿو، اهو ماڻهن ۽ سندس حڪومت وچ ۾ تعلق کي بيان ڪري ٿو، اهو ماڻهن ۽ رياست
جا حق ۽ فرض فراهم ڪري ٿو.
سوال. آئين ڪنهن کي هوندو آهي؟
جواب. آئين هر ڪنهن جمهوري ملڪ کي هوندو آهي.

سوال. پاڪستان جو موجوده آئين
ڪهڙو آهي؟ جواب. 1973ع وارو
آئين.
سوال. پاڪستان جي موجوده 1973 واري آئين ۾ ڪل
ڪيترا فقرا آهن؟ جواب. 280 فقرا.
سوال. پاڪستان جي 1973ع واري آئين موجب پاڪستان
ڪهڙي رياست آهي؟ جواب. اسلامي رياست.
سوال. 1973ع واري آئين مطابق قومي ۽ دفتري ٻولي
ڪهڙي آهي؟ جواب. آئين مطابق اردو ٻولي قومي ۽
دفتري ٻولي انگريزي آهي.
سوال. پاڪستان جو 1973ع وارو آئين ڪهڙي طرز
بيان ڪري ٿو؟ جواب. وفاقي طرز.
سوال. 1973ع واري آئين ۾ ڇا جو بندوبست
ڪيو ويو آهي؟ جواب. آزاد عدليه.
سوال. 1973ع واري آئين ۾ ڇا جا حق محفوظ
ڪيا ويا آهن؟ جواب. اقليتن جا حق.
سوال. پاڪستان جو 1973ع وارو آئين ۾ حڪومت ڪيترن شاخن ۾ اختيارن جي
عليحدگيءَ جو بندوبست ڪري ٿو؟ جواب. ٽن شاخن ، انتظاميه ، قانون ساز ادارو ۽ عدليه.
سوال. پاڪستان جي آئين جيڪي بنيادي حق فرهم ڪيا آهن
اهي ڪهڙا آهن؟ جواب. برا بري، قانون تائين رسائي، سماجي،
اقتصادي ۽ سياسي انصاف شامل آهن.
سوال. اعليٰ اقتدار جو
مطلب ڇا آهي؟ جواب. سڀ
کان مٿاهون اختيار.

سوال. نمائندن جي حڪومت ڪهڙين ٽن شاخن

تي ٻڌل آهي؟ جواب. انتظاميه ، قانون ساز ادارو ۽

عدليه.

سوال رياست جو بنيادي ۽ اساسي قانون ڇا

تي آهي؟جواب آئين تي.

سوالقانون جي حڪمرانيءَ جي پيرائتي نموني تشريح ڪريو؟

قانون جي حڪمرانيءَ جو مطلب اهو آهي ته قانون سڀ ڪان مٿي آهي، قانون جي اڳيان سڀ برابر آهن. هن ۾ ذات پات يا رنگ نسل جو ويڇو نه آهي، قانون جي نظر ۾ سڀ برابر آهن. قانون سان ئي ملڪ ترقي ڪندو آهي.

سوال. سپريم ڪورٽ ۽ پارليامينٽ جي اقتدار ۾ ڪهڙا ڪم آهن؟ جواب.

سپريم ڪورٽ	پارليامينٽ
قانون جي تشريح ڪرڻ قانون تي عمل ڪرائڻ لاءِ حڪم ڏيڻ غير قانوني طور ٿيندڙ ڪنهن به عمل تي ازخود نوٽيس وٺڻ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي اختلافن کي دور ڪرن	قانون ٺاهڻ عوام جي اهميت وارن مسئلن کي نظر ۾ رکڻ مالياتي ڪمن تي نظر رکڻ بجيٽ پاس ڪرڻ

سوال. ٻار جي حيثيت ۾ منهنجا آئيني حق ڪهڙا آهن؟

جواب. جيئري رهڻ جو حق (زندگي، صحت، خوراڪ، نالو،قوميت)، ترقي ڪرڻ جو حق (تعليم، سنڀال، سهنجائي، تفريح ۽ ثقافتي سرگرميون)، تحفظ جو حق (استحصال، بداخلاقي، نظراندازي)، شرڪت جو حق (اظهار، سوچ ۽ مذهب).

سوال. اهي ڪهڙيون ذميواريون هيون، جيڪي اوهان کي هٿ ڪرڻ لاءِ گهربل هيون؟ جواب. پاڙي ۾ صفائيءَ جو حق.

سوال. اهي ڪهڙيون ذميواريون هيون، جيڪي اوهان شعوري چونڊ ڪان سواءِ يعني انهن جي باري ۾ سوچڻ ڪان سواءِ اختيار ڪيون؟ جواب. ٻين جو تحفظ ڪرڻ، ٻين کي ناراض نه ڪرڻ، ٻين جي صحت جو خيال رکڻ.

سوال. اهي ڪهڙيون به ذميواريون آهن، جن لاءِ اوهين سمجهو ٿا ته اهي اهم آهن ۽ ڇو؟ جواب. ٻين جي اوچتي حادثي ۾ مدد ڪرڻ ۽ ٻين کي سهولتون پهچائڻ.

سوال. اوهان جي ڳالهائڻ ۽ چونڊ جي انداز ۾ ڪهڙيون ذميواريون هئڻ گهرجن ؟

جواب. ٽيم کي نظم و ضبط بابت سمجهائڻ ، ٽيم کي تربيت لاءِ تيار ڪرڻ، ٽيم کي قاعدا قانون سيکارڻ.

سوال. گڏجاڻيءَ ۾ اوهان جي حق جي سلسلي ۾ ٻين شاگردن جون ڪهڙيون ذميواريون هئڻ گهرجن؟ جواب. غور سان ٻڌڻ، ٻڌايل نصيحتن تي عمل ڪرن راند ۾ نظم و ضبط جو خيال رکڻ.

سوال. ٻين جي ڳالهائڻ جي حق جي سلسلي ۾ اوهان جون ذميواريون ڪهڙيون هئڻ گهرجن؟ جواب. غور سان ٻڌڻ، ٻڌل هدايتن تي عمل ڪرڻ ۽ عمل ڪرئڻ.

سوال. جيڪڏهن اوهان جي بحث ڪيل ذميوارين کي ڪنهن به پورو ناهي ڪيو ته پوءِ آزاد نموني ڳالهائڻ جي حق سان ڇا واقع ٿيندو؟ جواب. افسوس ٿيندو آهي.

.

سوال. شهري حق، گهڻي ڀاڱي شهريءَ جي زندگي ______ سان لاڳاپيل آهن؟ جواب. آزاديءَ.

سوال. آئين جو فقرو 25 اي ، پنجن کان سورهن ورهين جي سڀني ٻارن کي ___________ جو حق فراهم ڪري ٿو؟ جواب. مفت تعليم ڏيڻ.

سوال. بنيادي حق سڀني زندگي، _____________________ کي هٿي وٺرائڻ ٿا؟ جواب. تعليم جو حق ۽ غلاميءَ مان آزاديءَ.

سوال. ڪنهن ملڪ ۾ شهرين کي ڪهڙا حق مليل هوندا آهن؟

جواب. رهڻ جو حق، ملڪيت جو حق، جان جو حق، تعليم جو حق، ووٽ ڏيڻ جو حق.

سوال. هڪ شهريءَ جون ڪهڙيون ذميواريون آهن؟

جواب هڪ شهريءَ جون هي ذميواريون آهن ته ٻين جي حقن جو خيال ڪري، انساني حقن جو تحفظ ڪري، انهن کي هٿي وٺرائي بنيادي حقن جي باري ۾ ڄاڻي ۽ انهن جو احترام ڪري.

سوال. حقن جو حدون ڪهڙيون آهن"

جواب. ٻين جي حقن جي ساک برباد نه ڪري، پنهنجي حق لاءِ ٻئي جي حق سان ٽڪراءُ پيدا نه ٿئي.

سوال. اهو ماڻهو جيڪو ڪنهن تنظيم سان ڪنهن به معاوضي کان سواءِ ڪم ڪري ٿو، ان کي ڇا چئبو آهي؟ جواب. رضاڪار.

سوال. سول سوسائٽيءَ جو بنيادي ڪردار ڇا ٿي آهي؟

جواب. رياست جي اختيار کي محدود ڪرڻ ۽ ان کي قابوءَ ۾ رکڻ آهي.

سوال. رضاڪاراڻو شعبو __________ ۾ ڪليدي ڪردار ادا ڪري ٿو؟ جواب. عالمي معيشت.

سوال. سول سوسائٽي، مستقبل جي سياسي __________ سکيا جو ميدان فراهم ڪري سگهي ٿي؟ جواب. اڳواڻن لاءِ.

سوال. اهڙين ٽن شين جي نشاندهي ڪريو، جيڪي پاڪستان ۾ رضاڪاريءَ کي همٿائڻ سان ڪري سگهجن ٿيون؟ جواب. عام ڀلائيءَ جا ڪم 2. هڪ بهتر برادريءَ جي تعمير ۽ 3. نوجوانن جي تعليمي معيار کي سڌارڻ.

سوال. عورت فائونڊيشن جو بنياد ڪهڙي سال ۾ رکيو ويو؟ جواب. 1986ع ۾.

سوال. ايشيا جي اتر ۾ ڇا آهي؟ جواب. آرڪٽڪ سمنڊ.

سوال. ايشيا جي اوڀر ۾ ڇا آهي ؟ جواب. پئسفڪ سمنڊ.

.

سوال. ايشيا جي ڏکڻ ۾
ڇا آهي؟ جواب. هندي
سمنڊ.
سوال. ايشيا جي اولهه ۾
ڇا آهي؟ جواب. يورپ کنڊ.
سوال. پاڪستان ۽ چين ۾ موجود قراقرم پهاڙي سلسلي ۾ سڀ کان اوچي چوٽي ۽ هيٺيان واري جاين جا نالا ۽
اوچائي ۽ هيٺائي ڪيتري آهي؟ جواب. 7611 شپيئر اوچي چوٽي، 3048 شانور هيٺائي جاءِ.
سوال. ايشيا جي زمين جي ايراضي
ڪيتري آهي؟ جواب. 17212000
چورس ڪلو ميٽر.
سوال. ايشيا جي ساحلي پٽي
ڪيتري آهي؟ جواب. 62800
چورس ڪلوميٽر.
سوال. يورال ڪنهن جاءِ جو
نالو آهي؟پهاڙ.
عربي ٽبيٽ ڇا جي وچ ۾
آهي؟ڳاڙهي سمنڊ ۽ ايراني نار جي
وچ ۾ آهي.
برازيل ڪهڙي کنڊ ۾ آهي؟
ڏکڻ آمريڪا.
سوال دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ آباديءَ وارا ملڪ چين ۽
________ آهن؟جواب. ڀارت.
سوال. بنگلاديش جو مکيه فصل
ڪهڙو آهي؟ جواب. چانور.
سوال. بورنيو ڪهڙي ملڪ ۾
واقع آهي؟ جواب. ملائيشيا.

جواب.
سوال.
جواب.
سوال.

سوال. ملائيشيا جي گاديءَ جو هنڌ
ڪهڙو آهي؟ جواب. ڪوالامپور.

سوال. عرب صحرا ۾ رهندڙ ايشيائي ماڻهن جي اقتصادي سرگرمي ڪهڙي آهي؟

جواب. عربي گهوڙا پالڻ، رڍون پالڻ، ڪجيون ۽ ٻيا فصل پوکڻ، ڊگهي فاصلي جو واپار ، پيٽرول جي دريافت.

سوال. ٻوڏ کي قابو ڪرڻ جا طريقہ ڪهڙا آهن؟

جواب. 1 ٻيلن کي نہ ڪپڻ 2. نوان ٻيلا لڳائڻ 3. وهڪرن
کي موڙڻ يا لاڙڻ سوال. اهو عمل جتي پاڻي ٻاف ۾ تبديل ٿيندو
آهي تنهن کي ڇا چئبو آهي؟ جواب. ٻاڦورجڻ.

سوال. پاڪستان ۾ مک پاڻيءَ جا وسيلا
ڪهڙا آهن؟ جواب. مينهن جو پاڻي، درياءَ جو
پاڻي ۽ کوه جو پاڻي.

سوال. موسمي اثر ڪهڙو عمل
آهي؟ جواب. جهرڻ يا ٽٽڻ جو
عمل ٿيندو آهي.

سوال. پاڻي سج کان ڇا
وٺي ٿو؟ جواب. گرميءَ
جي توانائي.

سوال. آسمان ۾ جهڻ ٺهڻ لاءِ جيڪا ٻاڦ ٺهندي آهي ، اها
ڪٿان ٺهي ٿي؟ جواب. اها ٻاڦ سمندبن، درياهن، ڍنڊن مان
پيدا ٿئي ٿي.

سوال. جڏهن آسمان ۾ پاڻي جا وڏا ڦڙا ٿي ويندا آهن تہ پوءِ ڇا ٿيندو آهي؟

جواب. وڏن ڦڙن کي جڏهن هو سنڀالي نہ سگهندي آهي، تہ اهي ڦڙا برسي پوندا آهن.

سوال. ٻوڏيون ڪيئن اينديون آهن؟

جواب. جڏهن پاڻي جو چاڙهه وڌي ويندو آهي ، تہ ٻوڏيون اينديون آهن.

سوال. ڪاٽ ڇا آهي ؟

هيءُ پاڻي ، هوا ۽ برف جو عمل آهي، جڏهن مٽي، ٽڪر يا ڳريل مادي جي تري کي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين
ڪائي تہ ان کي ڪاٽ چئبو آهي.

سوال. منتقلي ڇا آهي؟

جواب. هوا، پاڻي ۽ برف جي ڪري جبل جي ٽٽل ذرڙن جي چرپر کي چئبو آهي.

سوال.جمع ٿيڻ ڇا آهي؟

جواب.جڏهن جبل جا ذرا پاڻي، برف يا هوا ڪٽي ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي گڏ ڪن تہ ان کي جمع ٿيڻ چئبو آهي.

سوال اوهان جي علائقي ۾ موجود قدرتي ۽ انساني تيار ڪيل
وسيلا ڪهڙا آهن؟قدرتي: 1. درياهہ 2. پهاڙ 3. آبشار 4. چشما

انساني: 1.ٻٽراج 2.کوھ 3. ٽيوب ويل 4. پلون.
سوال. ترڪ وطن ۽ داخل ٿيڻ ڇا آهي؟
جواب. ترڪ وطن ۾ پنهنجي ملڪ کي ڊگهي عرصي يا هميشہ لاءِ ڇڏڻو پوندو آهي ۽ ڪنهن ملڪ ۾ داخل ڊگهي عرصي تائين ۽ مستقل نموني هوندي آهي.
سوال. لڏپلاڻ جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟ جواب. روزگار، امن امان ۽ سماجي مجبوريون.
سوال. ٻڌايو تہ لڏپلاڻ ڪيئن مختلف ملڪن تي اثر ڪري ٿي؟
جواب. پيشيور ماڻهو ملڻ سان اقتصاديات بهتر ٿئي ٿي، امن جو مسئلو پيدا ٿئي ٿي ۽ وسيلن تي دٻاءُ وڌي ٿو.
سوال. ايران ملڪ ۾ دنيا جو ڪيترو سيڪڙو تيل آهي؟ جواب. 40 سيڪڙو.
سوال. ايران جي قومي آمدني جو ڪيترو سيڪڙو تيل جي قيمت مان وصول ٿئي ٿو؟ جواب. 88 في سيڪڙو.
سوال. ڪويت جي ڪيتري آمدني تيل مان آهي؟ جواب. 85 في سيڪڙو.
سوال. تيل وڪرو ڪندڙ ملڪن ۾ ڪويت ڪائي نمبر تي آهي؟ جواب. ٽي نمبر تي.
سوال. عراق جي ڪهڙي علائقي ۾ تيل جي پٽي پکڙيل آهي؟ جواب. دجلہ ندي ۽ زاغروس جبل جي هنج تائين.
سوال. تيل وڪرو ڪندڙ ملڪن ۾ ليبيا جو ڪائون نمبر آهي؟ جواب. ليبيا چوٿون ۽ نائيجيريا پنجون.
سوال. زمين ۾ تيل ڪهڙي حالت ۾ ليي ٿو؟ جواب. ڪچي حالت ۾.
سوال. تيل کي صاف ڪري ڪهڙيون شيون ڌار ڪيون وينديون آهن؟ جواب. پيٽرول ، گاسليٽ، ڊيزل ، ويزلين ۽ تاڪول ڌار ڌار ڪيا وڃن ٿا.
سوال. تيل مان ڪهڙيون شيون تيار ٿين ٿيون؟
جواب. ربڙ پلاسٽڪ ، هٽرادون تند وارو ڌاڳو ۽ ياڻ تيار ڪيو وڃي ٿو.
سوال. ملڪن ۾ تيل برآمد ڪندڙ تنظيم کي ڇا چيو وڃي ٿو؟

جواب.Organization Of Petroleum Exporting Countries (OPEC)

سوال. گئس ڇا آهي؟

جواب. گئس به هڪ قدرتي ٻارڻ آهي جيڪو تيل ۽ ڪوئلي وانگر توانائي ڪرڻ جو قدرتي ذريعو آهي.

سوال. پاڪستان ۾ سڀ کان پهريان گئس ڪڏهن ۽ ڪٿي لڌو ويو؟

1962ع ۾ بلوچستان جي جاءِ سوئي وٽ.

ڪوئلو ڪهڙي ڪم اچي ٿو؟

ڪوئلو ٻارڻ جي ڪم اچي ٿو, هن ذريعي توانائي حاصل ڪري مشينن يا ڪلن
ڪي هلايو وڃي ٿو.

پراڻي زماني ۾ ڪوئلو ڇا جي ڪم ۾ گهڻو ڪم ايندو هو؟

ڪوئلو ريلوي ۽ ڪارخانن ۾ گهڻو ڪم ايندو هو.

سوال.ايران ۾ ڪوئلي جا ڪهڙا زخيرا آهن؟

جواب. ايران ۾ البر جبل ، ڪاشان ۽ ڪرمان ۾ ڪوئلو لڀي ٿو.

سوال. قازقستان ۾ ڪوئلو ڪهڙي
هنڌ ملي ٿو؟ جواب. ڪراگنده .

سوال. ازبڪستان ۾ ڪهڙي هنڌ
ڪوئلو ملي ٿو؟ جواب. ازبڪستان جي
جابلو علائقن ۾.

سوال. پاڪستان جي پنجاب ۾ ڪوئلو ڪهڙي
هنڌ ملي ٿو؟ جواب. پنجاب صوبي ۾ ڊبڊبوت،
مڪڙوال، ميانوالي ، ڪالاباغ.

سوال. سنڌ ۾ ڪوئلو ڪهڙي هنڌ ملي ٿو؟

جواب. سنڌ ۾ ٿر، جهمپير ، ميٽنگ ۽ لاکڙا ۾ ڪوئلو ملي ٿو.

سوال. ڪوئلي جي ٻرڻ سان ڪهڙيون ڪهڙيون زهريليون
گئسون نڪرن ٿيون؟ جواب. سلفرڊاءِ آڪسائيڊ، ڪاربان ڊاءِ
آڪسائيڊ ۽ نائٽروجن آڪسائيڊ.

سوال. انهن زهريلين گئسن مان ڪهڙو نقصان پهچي رهيو آهي؟

جواب. فضا ۾ گدلاڻ ٿيڻ جي ڪري انسان ، جانورن ۽ ٻوٽن کي نقصان پهچي رهيو آهي.

سوال. لوهه ڇا آهي؟

جواب. لوهه نه فقط گذريل زماني ۾ هڪ قيمتي ڌاتو هو ، ڇاڪاڻ ته ان مان هٿيار وغيره ٺاهيا ويندا هئا.

سوال. لوهه ڪهڙن ملڪن مان ملي ٿو ؟

جواب. ترڪي ، قازقستان، ايران ، مصر ، تيونيسيا، مراڪش ، الجيريا ۽ پاڪستان ۾ لڀي ٿو.

سوال. پاڪستان جي ڪهڙن شهرن ۾ لوهه ملي ٿو؟

جواب. پاڪستان ۾ بلوچستان ۾ مسلم باغ ، پنجاب ۾ ڪالا باغ، خيبر پختونخواه ۾ چترال ۽ سنڌ جهمپير ۾ لوهه ملي ٿو.

سوال. ڪرومائيٽ جو دنيا ۾ وڏو ذخيرو ڪٿي هٿ آيو آهي؟ جواب. بلوچستان مسلم باغ ۾.

سوال. ڪرومائيٽ ڪهڙي ڪم اچي ٿو؟ جواب. هٿيار ٺاهڻ ۾.

سوال. فاسفيٽ ڪٿي لڀي ٿو؟

جواب .مراڪش ،تيونس ۽ الجيريا ۾ وڏي مقدار ۾ ملي ٿو.

سوال. ٽن جا ذخيرا ڪهڙا مشهور آهن؟ جواب. انڊونيشيا ۽ ملائيشيا.

سوال. شيهو ڪٿي ليجي ٿو؟

جواب. ترڪي، قازقستان، ايران، مصر ، مراڪش ،تيونيسيا ۽ الجيريا ۾ لڀي ٿو.

سوال.مينگنيز ڇا جي ڪم اچي ٿو ۽ ڪٿي ملي ٿو؟

جواب.هي ڌاتو فولاد جي تياري ۾ ڪم اچي ٿو۽ پاڪستان ترڪي ۽ مراڪش ۾ مينگنيز جا وڏا ذخيرا موجود آهن.

سوال سون جو وڏو مقدار ڪٿي لڀي ٿو؟ازبڪستان ۾ سون وڏي مقدار ۾ ملي ٿو.

سوال.سون جا ذخيرا ڪٿي آهي ؟

جواب. ازبڪستان ، ڪرغيزستان ۽ سعودي عرب ۾ موجود آهن.

سوال. پاڻي جي وسيلن جي ڪهڙي اهميت آهي؟

جواب. ڪنهن به ملڪ جي ترقيءَ ۾ پاڻي جي وسيلن جي وڏي اهميت آهي، ڇاڪاڻ ته عام طرح چيو وڃي ته پاڻي زندگي آهي.

سوال. پاڻي مان ڪهڙيون ڪهڙيون سهولتون ملن ٿيون؟ جواب. پاڻي مان بجلي ،گهر ڀنيون ۽ بندن جي اڏاوت ۾ ڪم اچي ٿو .

سوال. ڪڻڪ جي پوک لاءِ ڪهڙي موسم
جي ضروري آهي؟ جواب. پهريان ڪجهه ٿڌ ۽ پچڻ
وقت گرم ۽ خشڪ موسم.
سوال. ڪڻڪ جي پوک ڪهڙي ڪٽي ٿيندي آهي؟
جواب. هيءَ خشڪ ۽ پونوچ سمنڊ جي علائقن وارن ملڪن ۾ ججهي اپائي وجي ٿي.
سوال. ڪڻڪ سڀ کان گهڻي ڪهڙي ملڪ
۾ اپائي وجي ٿي؟ جواب. قازڪستان ۾.
سوال. چانور ڪهڙي زمين ۽ ڪهڙي موسم ۾ پوکيا وڃن ٿا؟
جواب. چانورن لاءِ گرم ۽ گهميل هوا ، پلي زمين ۽ ججهي پاڻيءَ جي ضرورت هوندي آهي.
سوال. چانورن جي پيدائش کان ڪهڙا ملڪ
مشهور آهن؟ جواب. بنگلاديش ۽ انڊونيشيا.
سوال. مڪائي پوکڻ جي لاءِ ڇا جي ضرورت
هوندي آهي؟ جواب. مڪائيءَ جي لاءِ ججهي پاڻيءَ
جي ضرورت هوندي آهي.
